# 7 راهي منزل ناهي دور

هينئين شعر ۾ واسديو ’نرمل‘ مسافر کي صلاح ڏيندي چيل آهي تہ تون اَٽل اِرادو رکي، ساهي پٽڻ جو ويچار نہ ڪندي اَڳتي ڪاهيندو هو، تہ نيٺ وڃي منزل تي رسندين.

پڙهو، ڳايو، سمجهو.



توڙي راهہ اڻانگي آهي،
پوءِ بہ چنتا ڪرڻي ناهي،
صرف ڪندي چنتائون منزل ٿيندي نہ ويجهو
مور!
راهي! منزل ناهي دوُر.

آهن ڪيڏا وڻ سوُنهارا،
گهِري ڇانوَ ڪندڙ ۽ پيارا،
جيڪي تنهنجي سواگت جي لاءِ پيا وڇائين ٻور!
راهي! منزل ..........

جي دل ۾ آ پڪو اِرادو،
ڪنهن بہ طرح منزل تي رسڻ جو،
تہ وٽ خود منزل ئي ڊوڙي ايندي ٿي مجبور!
راهي! منزل .........

ليڪن ساهي پٽڻي ناهي،
جو جيون هلچل ئي آهي،
ڪاهيندو هل پلي هُجين تون ٿڪ کان چڪناچوُر!
راهي! منزل ........

## نوان لفظ

سوُنهارا - موهيندڙ، وڻندڙ
ساهي پٽڻ - ترسڻ، آرام ڪرڻ
گهِري - گهاٽي
چڪنا چوُر ٿيڻ - پرزا پرزا ٿيڻ يا چوُر ٿيڻ
وڇائڻ - پٿارڻ، ڦهلائڻ

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) منزل تي رسڻ لاءِ راهيءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
٢) مسافر جو سواڳت ڪير ڪير ٿا ڪن ۽ ڪيئن؟
٣) ساهي نه پٽڻ لاءِ شاعر ڇو چيو آهي؟

**سوال.٢. (الف) هيٺ ڏنل سٽن ۾ خال ڀريو.**

١) جيڪي تنهنجي ............... جي لاءِ پيا وڇائين ٻور.
٢) تو وٽ خود منزل ٿي ............... ايندي ٿي مجبور.

**(ب) ساڳي معنيٰ وارا لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | وڇائڻ | (i) | موهيندڙ |
| (2) | موُر | (ii) | ڏُکي |
| (3) | اَٽانگي | (iii) | بلڪل |
| (4) | سوُنهارا | (iv) | ڦهلائڻ |

**سوال.٣. بيت جي سٽن جي سمجهاڻي لکو.**

١) توڙي راهه اَٽانگي آهي،
پوءِ به چنتا ڪرڻي ناهي،
صرف ڪندي چنتائون منزل ٿيندي نه ويجهو موُر!

٢) ليڪن ساهي پٽڻي ناهي،
جو جيون هلچل ئي آهي،
ڪاهيندو هل پلي ڦجين تون تڪ ڪان چڪناچوُر!

## پورڪ اَڀياس

NK6TVV

**١. ڏنل بيت جي بند تي پڇيل عملي ڪم ڪريو.**

توڙي راهه اٽانگي آهي ............ پيا وڇائين ٻور. راهي منزل .........

١) بند مان هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.
٢) ’سٽانگي‘ لفظ جو ضد ڳولهيو.
٣) ’ميون جا ٻچ‘ لاءِ ٻيو لفظ ڳولهيو.
۴) ’ويجهو‘ لفظ جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ لکو.

**٢. پارت جي ڪن به ٻن مهان هستين بابت پڙهو. اُنهن جي جيون جون مکيه گهٽنائون يا قصا لکو.**

**٣. پنهنجي ماتا پتا سان سندن جيون بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن سان گفتگو ڪريو. اُنهن جي جيون جو ڪو اَهڙو قصو جيڪو توهان کي پريرڻا ڏئي تو اُهو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌايو.**

**۴. توهانجي پاڙي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي، اُن کي دور ڪرڻ لاءِ نگر پالڪا عملدار کي درخواست ڪريو.**

**۵. مان وڏو ٿي .......... ٿيندس، اِن تي پنهنجا ويچار لکو.**








مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

₹ 38.00

सिन्धुभारती इयत्ता ९ वी (सिंधी अरे.)